# اُمت مصطفي جون خصوصيتون

18-October-2018



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

**(For Islamic Brothers)**

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# اُمت مصطفي جون خصوصيتون

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله
اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ **(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي (يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

**فَرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **آهي: جڏهن خميس جو ڏينهن ايندو آهي، الله ڪريم ملائڪن کي موڪليندو آهي جنهن وٽ چانديءَ جا ڪاغذ ۽ سون جا قلم هوندا آهن، اهي لکن ٿا، ڪير خميس جي ڏينهن ۽ جُمُعہ جي رات مون تي ڪثرَت سان دُرُودِ پاڪ پڙهي ٿو.** (ڪنزالعمال، ڪتاب الاذڪار، ۱/۲۵۰، حديث:۲۱۷۴)

ہم نے خطا میں نہ کی تم نے عطا میں نہ کی — کوئی کمی سَرورا تم پہ کروروں دُرُود

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مختصر وضاحت: اي اسان جا مهربان آقا! اسان گناهه ڪرڻ ۾ ڪا ڪمي نہ ڪئي پر پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ عطا فرمائڻ ۾ ڪا ڪمي نہ فرمائي. اوهان تي ڪروڙ ڀيرا درود نازل ٿين.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" **يعني** مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ! اڄ جي بَيان ۾ اسان "اُمّتِ مُصطفيٰ جون خُصوصيات" جي باري ۾ ٻڌڻ جي سعادت حاصِل ڪنداسين. سڀ کان پهريان اسان ٻڌنداسين تہ تورات شريف ۾ اُمّتِ مُصطفيٰ جون بيان ڪيل ڪهڙين ڪهڙين خُصوصيتون (Characteristics) ۽ فضائل ۽ ڪمالات جي اجاگر ڪيو ويو آهي، جڏهن حضرت سَيدُنا موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام کي اُمّتِ محبوب جي خُصوصيتن جو عِلم ٿيو تہ انهن ڪهڙي شيءِ جي خواهش جو اِظهار ڪيو هو؟ هن کان پوءِ اُمّتِ محبوب جي اَفضل

هجڻ جو سبب ۽ اُمّتِ مصطفيٰ جون ڇھ (6) عظيمُ الشَّان فضيلتون بہ بَيان ٿينديون، اُمّتِ محبوب جي ماڻھن جا حافِظا ڪيتري قدر مضبوط ھوندا ھئا، ان بابت بزرگن جي اَقوال ۾ حافظُ الحديث حضرت سَيدُنا امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي بي مثال يادداشت جو ھڪ واقعو بہ اسان ٻڌنداسين. آخر ۾ تاجدار نبوت صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پنھنجي اُمّت سان مَحَبَّت ۽ شفقت جون ڪجھ جھلڪيون بہ بَيان ٿينديون. الله ڪري تہ دِلجمعي سان اسان اوّل تا آخر سنين نيتن سان بيان ٻُڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون. ڪي اسلامي ڀائر بيان دوران تسبيح جي ذريعي درود شريف وغيره پڙھندا رھن ٿا، ذِڪر ڪندا رھن ٿا، ياد رکو! ھي ھن جو موقعو نہ آھي، اسان جيئن تہ علمِ دِين سکڻ جي نيت سان ھتي گڏ ٿيا آھيون تہ بيان دوران سڄو ڌيان بيان ڏانھن ئي ھئڻ گھرجي، ڇو جو علمِ دين سکڻ جي لاءِ علم دين وارو بيان ٻڌڻ بہ ذِڪرُ الله ئي ۾ شامل آھي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تورات ۾ اُمّتِ محمديہ جون فضيلتون

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي تمام ئي پياري ڪتاب ”الله والوں کی باتیں“ جلد 5 صفحہ نمبر516 تي آھي: حضرت سيدُنا موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: ”اي منھنجا مولا! مون تورات ۾ ھڪ اھڙي اُمّت جو تذڪرو ڏٺو آھي جيڪا سيني اُمّتن کان بھتر ھوندي، ماڻھن کي ڀلائي جو حڪم ڏيندي ۽ بُرائي کان منع ڪندي، اھا اڳوڻين ۽ بعد وارن تمام ڪتابن تي ايمان آڻيندي، ايستائين جو ڪاڻي دجّال کي بہ قتل ڪندي. حضرت سيدُنا موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: ”اي منھنجا پاڪ پروردگار! ان کي منھنجي اُمّت بڻاءِ. الله پاڪ ارشاد فرمايو: ”اي موسٰي! اھا اَحمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمّت آھي.“ حضرت سيدُنا موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: ”اي منھنجا پروردگار! مون ھڪ اھڙي اُمّت جو ذِڪر ڏٺو جيڪي الله پاڪ جي گھڻي حمد ڪندا، سج جو خيال رکندا (يعني نماز ۽ روزن جي ڪري ھميشہ سج جي اُڀرڻ ۽ لھڻ جو حساب رکندا. نمازون افطار سحري تہ سج سان آھن پر روزا عيدون حج

وغيره چندِ سان ان ڪري مسلمان ٻنهي جو حساب رکندا آهن ٻي ڪا قوم اهي ٻئي ڪم ناهي ڪندي. (مرآۃ المناجیح، ۸/۵ ۳ملتقطاً) ۽ منصَبِ حڪومت ۽ امامت تي فائز هوندي، جڏهن ڪنهن ڪم جو ارادو ڪندا تہ چوندا: اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان هن ڪم کي ڪنداسين.“

حضرت سيدُنا موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: ”اي منهنجا پروردگار! ان کي منهنجي اُمَّت بڻاءِ. اللّٰه پاڪ ارشاد فرمايو: اي موسيٰ! اها اَحمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اُمَّت آهي. حضرت سيدُنا موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: اي ربّ ڪريم! مون تورات ۾ اهڙي اُمَّت جو تذڪرو ڏٺو، جن جون دُعائون قبول ٿينديون ۽ انهن جي حق ۾ دعائون قبول ڪيون وينديون، انهن جي سفارش قبول ٿيندي ۽ انهن جي حق ۾ سفارش قبول ڪئي ويندي. اهو چئي حضرت سيدُنا موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: الٰهي! انهن کي منهنجي اُمّت بڻائي ڇڏ. اللّٰه پاڪ ارشاد فرمايو: اي موسيٰ! اها احمدِ مجتبيٰ، محمدِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اُمّت آهي.

حضرت سيدُنا موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: اي ربّ ڪريم! مون تورات ۾ اهڙي اُمّت جو ذڪر ڏٺو آهي جيڪي بلندي تي چڙهندا تہ اللّٰه پاڪ جي وڏائي بيان ڪندا ۽ جڏهن ڪنهن وادي ۾ لهندا تہ اللّٰه پاڪ جي حمد ۽ ساراهہ بيان ڪندا، انهن جي لاءِ سڄي زمين پاڪ هوندي ۽ اهي جتي بہ هوندا، سڄي زمين انهن جي لاءِ نماز قابل هوندي، اها ناپاڪي کان پاڪي حاصل ڪندا، جتي پاڻي (Water) نہ ملندو اتي مٽي سان پاڪي حاصل ڪرڻ، انهن جي لاءِ ائين هوندو جيئن پاڻي سان ۽ بروزِ قيامت وضو جي اثر سان انهن جي وضو وارا عضوا چمڪندا هوندا. اهو چئي حضرت سيدُنا موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: اي منهنجا پروردگار! تون انهن کي منهنجي اُمَّت بڻاءِ. اللّٰه پاڪ ارشاد فرمايو: اي موسٰي! اها احمدِ مجتبيٰ، محمدِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اُمَّت آهي. حضرت سيدُنا موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: ”اي ربّ ڪريم! مون (تورات ۾) اهڙي اُمّت جو ذڪر ڏٺو آهي جو جڏهن اهي ڪو نيڪ ڪم ڪرڻ جو ارادو ڪندا تہ انهن جي لاءِ هڪ نيڪي لکي ويندي ۽ جڏهن اهي نيڪي ڪندا تہ انهن جي نيڪي کي 10 کان 700 ڀيرا تائين وڌايو

ويندو ۽ جيڪڏهن ڪنهن گناهه جو ارادو ڪندا ته انهن جي لاءِ ڪجهه نه لکيو ويندو ۽ جيڪڏهن گناهه جو اِرتڪاب ڪندا ته انهن جي لاءِ صرف اهو ئي گناهه لکيو ويندو.“ اهو ٻڌي حضرت سيدُنا موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: ”اي منهنجا پروردگار! تون انهن کي منهنجي اُمَّت بڻاءِ.“ اللّٰه پاڪ ارشاد فرمايو: ”اي موسيٰ! اها اَحمدِ مجتبيٰ، محمدِ مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اُمّت آهي. هتي هڪ ڳالهه غور لائق آهي ته گناهه جو پڪو ارادو ڪرڻ مثال طور اسباب نه هئڻ جي ڪري گناهه نه ڪيو، پر مڪمل ارادو هو ته هاڻ گناهگار ٿيندو.

حضرت سيدُنا موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تورات ۾ ڏٺو ته بارگاهه الٰهي ۾ عرض ڪيو: اي اللّٰه پاڪ! مون هڪ اُمَّتِ مرحُومه جو ذڪر ڏٺو، جيڪي ڪمزور هئڻ جي باوجود ڪتابُ الله جا وارث ٿيندا ۽ تو انهن کي چونڊي ورتو آهي، انهن مان ڪو پنهنجي جان تي ظلم ڪرڻ وارو هوندو، ڪو وچين راهه هلڻ وارو هوندو ۽ ڪو نيڪين ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو هوندو، مون انهن مان ڪو هڪ به اهڙو نه ڏٺو جنهن تي رحم نه ڪيو ويو هجي.“ اهو ٻڌي حضرت سيدُنا موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: ”اي پاڪ پروردگار! انهن کي منهنجي اُمَّت بڻاءِ.“ اللّٰه پاڪ ارشاد فرمايو: ”اي موسيٰ! اها احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اُمّت آهي.“

حضرت سيدُنا موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تورات ۾ ڏٺو ته عرض ڪيو: ”اي اللّٰه پاڪ! انهن جا مَصاحِف انهن جي سيني ۾ (محفوظ) هوندا (يعني قرآنِ ڪريم انهن جي سِينن ۾ محفوظ هوندا)، اهي جنت وارن جهڙو مختلف (Different) رنگن جو لباس پائيندا ۽ ملائڪن جيان صفون ٻڌي نماز پڙهندا، مسجدن ۾ انهن جو آواز ماکي جي مک جي ڀڻڀڻاٽ جيان هوندو ۽ جهنم ۾ انهن مان اهو ئي شخص داخل ٿيندو جيڪو نيڪين کان هن طرح خالي هجي، جيئن پٿر وڻ جي پنن کان خالي هوندو آهي.“ اهو ٻڌي حضرت سيدُنا موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: ”اي منهنجا پروردگار! تون انهن کي منهنجي اُمَّت بڻاءِ.“ اللّٰه پاڪ ارشاد فرمايو: ”اي موسيٰ! اها احمدِ مجتبيٰ، مڪي مدني مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اُمَّت آهي.“ جڏهن حضرت سيدُنا

موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام کي ان فضيلت سان تعجب ٿيڻ لڳو جيکي الله پاڪ سيدُالانبياء، مکي مدني مُصطفيٰ صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ اُنهن جي اُمّت کي عطا فرمائي تہ چوڻ لڳا: ”ڪاش! مان حضرت سيدُنا محمدِ مصطفٰي، احمدِ مُجتبيٰ صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اصحاب مان هجان ها.“ تہ الله پاڪ انهن جي رضا جي لاءِ 3 آيتون نازل فرمايون، جيئن سيپارو 9، سُورةُ الأعراف جي آيت نمبر 144 ۽ 145 ۾ ارشاد آهي:

قَالَ يٰمُوْسٰۤى اِنِّى اصْطَفَيْتُكَ عَلَى النَّاسِ بِرِسٰلٰتِىْ وَ بِكَلَامِىْ ۖ فَخُذْ مَاۤ اٰتَيْتُكَ وَ كُنْ مِّنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿۱۴۴﴾ وَ كَتَبْنَا لَهٗ فِى الْاَلْوَاحِ مِنْ كُلِّ شَىْءٍ مَّوْعِظَةً وَّ تَفْصِيْلًا لِّكُلِّ شَىْءٍ ۚ فَخُذْهَا بِقُوَّةٍ وَّ اْمُرْ قَوْمَكَ يَاْخُذُوْا بِاَحْسَنِهَا ؕ سَاُورِيْكُمْ دَارَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿۱۴۵﴾

(پ 9 الاعراف 144)

**ترجموڪنزالايمان:** فرمايائين اي مُوسىٰ مُون توکي ماڻهن مان چُونڊيو رسالتن ۽ پنهنجي ڪلام سان پوءِ وٺ جيڪي مُون توکي عطا فرمايو ۽ شُڪر وارن مان ٿيءُ ۽ اسان اُن جي واسطي تختيُن ۾ لکي ڇڏي هر قسم جي نصِيحت ۽ هر شيءِ جو تفصِيل ۽ فرمايو اي مُوسىٰ هِن کي مضبُوطِي سان پڪڙ ۽ پنهنجِي قوم کي حُڪم ڏي تہ هِن جُون چڱيُون ڳالهيُون اختيار ڪن عنقرِيب مان توهان کي ڏيکارِيندس بي فرمان جو گهر.

سيپارو 9، سُورةُ الأعراف جي آيت نمبر 159 ۾ اِرشاد آهي:

وَ مِنْ قَوْمِ مُوْسٰۤى اُمَّةٌ يَّهْدُوْنَ بِالْحَقِّ وَ بِهٖ يَعْدِلُوْنَ ﴿۱۵۹﴾

(پ۹،الاعراف:۱۵۹)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ مُوسىٰ جِي قوم مان هِڪ جماعت آهي جيڪا حق جِي واٽ ٻڌائي ٿِي ۽ اُنهِيءَ سان اِنصاف ڪري ٿِي.

اهو ٻڌي حضرت سيدُنا موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام بلڪل راضي ٿي ويا.

(اللّٰہ والوں کی باتیں، ص ۵۱۶ تا ۵۱۹ ملخصا و ملتقطا)

اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اُمّتِ مُصطفيٰ ۾ پيدا ٿيڻ جي هن نعمت تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪندي بارگاه اِلٰهي ۾ عرض ڪن ٿا:

شکر ادا ہو کیونکر تیرا پیارے نبی کی اُمّت میں　　مجھ سے نکمے کو بھی پیدا تُو نے اے رحمٰن کیا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! ٻڌو اوهان! اُمّتِ مُصطفيٰ کي ربّ ڪريم ﮪ چار يا پنج نہ بلڪ بيشمار فضيلتن ۽ برڪتن ۽ ڪيئي خُصوصيتن سان نوازيو آهي، اهو تورات شريف جنهن کي اللّٰه پاڪ حضرت سيدنا موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تي نازل فرمايو، ان مقدس آسماني ڪتاب جي اندر ﮪ هن عظيم اُمّت جي فضيلتن ۽ ڪمال ۽ شاندار خُصوصيات کي بيان ڪيو ويو آهي، ايستائين جو جڏهن موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي عِلم ٿيو تہ اهي تمام فضيلتون ۽ ڪمالات اُمّتِ مُصطفيٰ جا آهن، تہ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام اللّٰه پاڪ جي بارگاه ۾ هن اُمّت کي پنهنجي اُمّت بنائڻ جي اِلتجا (Request) پيش ڪئي، پر جڏهن ان جي اجازت نہ ملي تہ پوءِ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام اُمّتِ محبوب ۾ شامل ٿيڻ جي خواهش جو اِظهار هنن لفظن ۾ ڪيو تہ ”ڪاش! مان حضرت سيدُنا محمدِ مصطفٰي، حبيبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اصحاب (يعني صحابہ) مان هجان ها.“

هتي ڪجھ مدني گل ذهن نشين ڪريو تہ: (1) پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمت جو ڪهڙو ئي خاص ولي بلڪ صحابي ۽ اهلِ بيت بلڪ ڪو ملائڪ ﮪ ڪنهن ﮪ نبي جي برابر قطعاً نٿو ٿي سگهي، جيئن تہ بهارِ شريعت ۾ آهي: **عقيده** (22): انبياءِ ڪرام، تمام مخلوق ايستائين جو رُسُلِ ملائڪ کان افضل آهن. ولي چاهي ڪيتري وڏي رتبي وارو هجي، ڪنهن نبي جي برابر نٿو ٿي سگهي. جيڪو ڪنهن غيرِ نبي کي ڪنهن نبي کان افضل يا برابر ٻڌائي، ڪافر آهي. (حصه1،ص47) (2) حضور پرنور، سيدالمرسلين، نبي الانبياء ۽ جميع مخلوقاتِ الٰهي کان افضل تر آهن. (فتاوي رضويه جلد١٥، ص٢٦٨) (3) حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو ان اُمت ۾ شامل ٿيڻ جي خواهش جو اظهار فرمائڻ، ان اُمت جي فضيلت جو پتو ضرور ڏي ٿو پر اهي ان اُمت کان نهايت افضل بلڪ انبياء اُولُو العَزم (انهن 5 انبياء (عَلَيْهِمُ السَّلَام) مان آهن جيڪي ٻين نبين (عَلَيْهِمُ السَّلَام) کان ﮪ افضل آهن.

الله پاڪ جا ڪروڙين ڪروڙ احسان آهي جو ان رسولِ ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي ۾ اسان کي مسلمان بڻايو ۽ اسان کي رحمتِ ڪونين، ناناءِ حسنين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اُمّت ۾ شامل ڪري اسان تي ايترو وڏو احسان ڪيو جو جيڪڏهن اسان ان جي هن احسان تي سڄي زندگي به ان جو شڪر ادا ڪندا رهون تڏهن ان جو حق ادا نٿا ڪري سگهون.

اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پنهنجي مشهورِ زمانه نعتيه ديوان ”وسائل بخشش“ ۾ لکن ٿا ته

شکر تیرا کہ اُن کی اُمّت میں مجھ کو اے ذُوالجلال رکھا ہے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اُمّتِ مصطفيٰ جي افضل هئڻ جو سبب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح حضور(صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) تمام رسولن جا سردار ۽ سڀني کان افضل آهن، بِلا تشبيه حضور(صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جي صدقي ۾ حضور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جي اُمت تمام اُمتن کان افضل (آهي). (بهارِ شريعت، ٥٤/١) اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! اسان ڪيترا خوشنصيب آهيون جو الله ڪريم جي حبيبِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو دامن ڪرم اسان جي گنهگار هٿن ۾ آيو، يقيناً اسان جا پيارا ۽ مٺا مٺا آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تمام اَنبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ سڀني کان افضل ۽ اعليٰ آهن ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي ۾ سندن جي اُمت به سڀني اڳوڻين امتن کان افضل آهي. افضليت جو سبب هرگز هرگز هي ناهي ته هن اُمت ۾ سرمائي دارن جي ڪثرت هوندي يا اهي ماڻهو دنياوي طور تي گهڻا تعليم وارا هوندا، انهن ۾ انجينيئر ۽ ڊاڪٽرن جي گهڻائي هوندي، نه ئي فضيلت جو سبب هي آهي ته هي جنگجو، بهادر ۽ طاقتور هوندا يا اهي انهيءَ ڪري افضل آهن ته نهايت ئي چالاڪ ۽ هوشيار

هوندا، بلڪ انهن جي فضيلت جو سبب تہ هي آهي جو اهي ڀلائي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان روڪڻ جي اهم منصب تي فائز آهن. جيئن سيپارو 4،سورهٴ آلِ عمران جي آيت نمبر110 ۾ خداءِ رحمٰن جو فرمانِ عاليشان آهي :

كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَتَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَتُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ ؕ

**ترجمو ڪنزالايمان:** توهان ڀلا آيو انهن سڀني امتن کان جيڪي ماڻهن ۾ ظاهر ٿيون چڱائي جو حڪم ڪريو ٿا ۽ برائي کان روڪيو ٿا ۽ الله تعاليٰ تي ايمان رکو ٿا.

تفسيرِ خازن ۾ هن آيتِ سڳوري تحت لکيل آهي: هن اُمَّت کي نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ جي ڪري ٻين تمام اُمّتن تي فضيلت ڏني وئي آهي ۽ انهيءَ سبب کان اها اُمّت تمام اُمّتن ۾ سڀ کان بهترين اُمّت آهي، ثابت ٿيو! هن اُمّت جي بهترين هئڻ جو سبب (Reason) ان جي افراد جو نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ آهي. (تفسيرِ خازن،پ ۴،آل عمران،تحت الآية:۱۱۰، ۲۸۹/۱)

اسان کي پنهنجي باري ۾ غور ڪرڻ گهرجي تہ ڇا اسان نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارا ۽ بُرائي کان روڪڻ وارا آهيون؟ ياد رهي تہ: جيڪڏهن اسان جو گمان غالب هجي تہ بُرائي ڪرڻ واري کي بُرائي کان روڪينداسين تہ هو بُرائي کان رُڪجي ويندو تہ اسان کي روڪڻ واجب آهي، نہ روڪنداسين تہ گناهگار ٿينداسين.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** الله پاڪ جو اِحسان آهي جو دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول اسان کي مُيسّر آهي، قربان ٿجي! اميرِ اهلسنّت جي مدني سوچ تي تہ جن هڪ اهڙو عظيم الشّان مدني مقصد عطا فرمايو آهي تہ جنهن کي ماڻڻ جي لاءِ اسان وٽ "نيڪي جي دعوت" کي عام ڪرڻ جا سوين موقعا آهن، اهو مدني مقصد ڪهڙو آهي، اچو! گڏجي دُهرايون ٿا: "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي". اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ

عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ بہ ڪيتري پياري تحريڪ ملي آهي جو اها مسجد ڀرائو تحريڪ آهي، اها مسجد ڀريو تحريڪ آهي، اها نمازي وڌايو تحريڪ آهي، ڪاش! اسان بہ ان جو حصو بڻجي عملي طور تي نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارن ۾ شامل ٿي وڃون، اهو تمام سنو آهي ائين جو اسان وڌ کان وڌ نيڪي جي دعوت جي لاءِ پيش ڪريون، پر ڪنهن عُذر جي ڪري جيڪڏهن ائين نہ ٿي سگهي تہ اسان کي روزانو گهٽ مان گهٽ 2 ڪلاڪ تہ مدني ڪمن جي لاءِ، نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ جي لاءِ پيش ڪرڻ ئي گهرجن، ڪڏهن ڪڏهن اسان وڏين وڏين مسجدن ۾ جمعي جي ڏينهن ماڻهن جو تمام وڏو تعداد ڏسي خوش ٿي ويندا آهن تہ اسان جون مسجدون آباد ٿي ويون آهن، نمازي گهٽا وڌي ويا آهن، بلڪ رمضان ۾ اهي نظارا وڌيڪ ڏسڻ کي ملندا هوندا، پر ان سان گڏ شايد اوهان اهو منظر بہ ڏٺو هوندو تہ رمضان جي وڃڻ سان گڏ ئي بدقسمتي سان مسجدون ويران ٿي وينديون آهن، نمازين جو تعداد گهٽ ٿي ويندو آهي، ان جي علاوہ جيڪڏهن ٿورڙو مختصر جائزو ورتو وڃي تہ سوين مسجدون اهڙيون بہ هونديون جو جتي آبادي بہ آهي پر نماز پڙهڻ وارا نہ آهن، مسجد تہ آهي پر اِمام ناهي، اهڙن عَلائقن ۾ "نيڪي جي دعوت" جي ڪيتري وڌيڪ ضرورت آهي، اُمّتِ مصطفيٰ کي سڌي راهہ راست تي آڻڻ جي لاءِ اسان کي وقت جي قرباني ڏيڻي هوندي. اي ڪاش! اسان کي اُمّت جو درد نصيب ٿي وڃي.

نماز و روزہ و حج و زکوٰۃ کی توفیق عطا ہو اُمّتِ محبوب کو سدا یا ربّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اُمّت محبوب جون 6 فضيلتون

حَڪيمُ الامُت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سيپارو 4،سوره آلِ عمران جي آيت نمبر 110 جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اُمّت جون

بي شمار فضيلتون آهن، هتي انهن مان ڪجهه هي آهن: (1) اهي اُمّت آخر اُمَم (يعني اُمّتن مان آخري اُمّت) آهي، اڳوڻين اُمّتن جا عيب قرآنِ ڪريم ۾ بيان ٿيا آهن، جنهن سان اهي سڄي دُنيا ۾ بدنام ٿي ويون، پر هن اُمّت کان بعد نہ ڪو نئون نبي ايندو، نہ ڪو آسماني ڪتاب جنهن ۾ ان جا عيب بيان ٿين، غرض هي تہ هن اُمّت جي پرده پوشي ڪئي وئي. (2) پوئين ڪتابن ۾ هن اُمّت جي وصفن جو ذِڪر هو انهن جي عيب جو تذڪرو نہ هو جنهن جي ڪري اهي ماڻهو هن اُمّت مان ٿيڻ جي تمنّا ڪن ٿا. (3) جيئن ربّ ڪريم بين اَنبياءِ ڪرام(عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) جو نالو وٺي پُڪاريو، اسان جي حُضُورِ انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي لقب سان، اهڙي طرح انهن جي اُمّتن کي نَسَبي نالن سان پڪاريو ويو: (يٰبَنِیۡۤ اِسۡرَآءِیۡلَ، يٰۤاَيُّهَاالَّذِيۡنَ هَادُوۡۤا) وغيره پر ان اُمّت کي (يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا) (اي ايمان وارو!) جي دِلڪش ۽ پياري خطاب سان نوازيو ويو. (4) اڳوڻيون اُمتون پنهنجن نبين کان بعد تمام گمراهہ ٿي وينديون هيون، پر هن اُمّت ۾ قيامت تائين هڪ فرقو (سوادِ اعظم يعني اهلسنّت وجماعت) حق تي رهندو. (5) هن اُمّت ۾ هميشہ اَولياءُ الله ۽ عُلَماءِ رَبّاني ٿيندا رهندا، جنهن وڻ جي پاڙ سائي رهي ان ۾ گل ۽ ميوا ٿيندا رهندا آهن. (6) اها ئي اُمّت سياڻي قيامت جي ڏينهن بارگاهِ الٰهي ۾ اڳوڻن نبين جي شاهدي ڏيندي تہ خدايا! انهن پنهنجي قومن کي تبليغ ڪئي هئي.

(تفسيرنعيمي،پ۴،آل عمران، تحت الآية: ١١٠،٩/٤)

اے خدائے دو جہاں اِحسان تیرا ہے بڑا تُو نے پیدا ان کی اُمّت میں ہمیں فرمایا ہے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

بيان ڪيل مدني گلن ۾ اُمت جي فضيلت سان گڏوگڏ الله پاڪ جا احسان بہ بيان ڪيل آهن، جن ۾ هي بہ آهي تہ اسان جي جرم ۽ گناهن جي پرده پوشي جو اهتمام ڪيو ويو آهي ۽ هن اُمت ۾ علماء ۽ اولياء ٿيندا رهندا. اڄ بہ ڏسجي تہ سڄي دنيا ۾ ڪروڙين مسلمان حنفي تہ ڪروڙين شافعي، اهڙي

طرح مالڪي ۽ حنبلي آهن. اهڙي طرح ڪروڙين قادري، نقشبندي، چشتي، سهروردي سلسلن سان وابسته تي اولياءِ ڪرام جي چانو ۾ آهن.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اُمّتِ مصطفيٰ کي ربّ ڪريم جن خُصوصيات سان نوازيو آهي، انهن مان هڪ خُصوصيت هي به آهي ته الله پاڪ ان کي اُمّت کي حافظي جي مضبوطي جي عظيمُ الشان نعمت به عطا فرمائي آهي. جيئن

## ننڍي عمري ۾ عِلم حاصل ڪرڻ

حضرت سَيِّدُنا حسين بن عبدالرحيم عراقي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه فرمائن ٿا: هن اُمّت جي هڪ خُصوصيت هي به آهي ته ماڻهن پنهنجي ننڍڙي ڄمار ۾ جن علوم تي عُبور حاصل ڪيو، اڳوڻيون اُمّتون وڏي ڄمار ملڻ جي باوجود حاصل نه ڪري سگهيون، اهو ئي سبب آهي ته ايتري ڪم عمري ۾ هن اُمّت جي مجتهدن تي علوم ومعارف جا خزانا کلي ويا. (شرح زرقاني علي المواهب،خصائص امته ... الخ، ٧/٤٢٨)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن اُمت ۾ ڪوڙ عالم سڳورا ٿيا، ٿي رهيا آهن ۽ اهو سلسلو جاري آهي.

اچو! اسان پنهنجي باري ۾ غور ڪريو ته ڇا اسان پاڻ تي لازم (فرض و واجب) علوم به حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا؟ بعض فرائض علوم حاصل ڪرڻ جو ذريعو مدرسة المدينه بالغان به آهي، مدرسة المدينه آن لائن (On line) جي ذريعي پنهنجي وقت جي سهولت جي مطابق مُختلف موضوعات تي علمِ دين حاصل ڪري سگهجي ٿو (مدرسة المدينة On Line جي فِيس (Fee) به آهي ۽ اهو سڀ انٽرنيٽ ذريعي پڙهايو ويندو آهي).

## حفظ و يادداشت جي صلاحيت

حضرت سَيِّدُنا قتاده رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه ارشاد فرمائن ٿا: الله ڪريم هن اُمّت کي حفظ ۽ يادداشت (حيرت انگيز حافظي) جي اها صلاحيت عطا فرمائي آهي جيڪا اڳوڻين اُمّتن مان ڪنهن کي به عطا نه ڪئي وئي، الله پاڪ هن نعمت کي سرڪارِ

مديني، راحتِ قلب و سيني صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اُمّت سان خاص فرمايو ۽ ان جي بدولت هن اُمّت جي عزّت افزائي فرمائي. (شرح زرقاني علي المواهب،خصائص امته... الخ، ۴۲۸/۷)

اچو! برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ قوتِ حافظ جي عظيم جوهر سان مالا مال ۽ اُمّتِ محبوب ڪي فيضانِ حديث سان فيضياب ڪرڻ واري هڪ عاشقِ رسول بزرگ جي قوتِ حافظ جي باري ۾ پڙهو،

## 3 لک حديث سڳوريون

نَاصِرُ الحَدِيث، اَمِيرُالمُؤمِنِين فِي الحَدِيث حضرت سَيدُنا ابو عَبدُاللّٰه محمد بن اسماعيل بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي حافظي جي قوت بيان ڪرڻ جي لاءِ اها ڳالهه ئي ڪافي آهي ته جنهن ڪتاب ڪي پاڻ هڪ نظر ڏسندا هئا، اهو انهن ڪي حفظ ٿي ويندو هو، علم پارائڻ جي ابتدائي دور ۾ سندن ڪي 70 هزار حديث سڳوريون حفظ (يعني زباني ياد) هيون ۽ بعد ۾ وڃي اهو عدد 3 لک تائين پهچي ويو، جن مان هڪ لک حديثون صحيح ۽ ٻه لک غير صحيح هيون، هڪ ڀيري ”بلخ“ نالي شهر ويا ته اتي جي ماڻهن فرمائش ڪئي، اوهان پنهنجي شُيوخ کان هڪ هڪ روايت بيان ڪريو ته پاڻ هڪ هزار شُيوخ کان هڪ هزاراحاديث زباني بيان ڪيون.
(ارشاد الساري،ترجمة الامام بخاري، ۱/ ۵۹ملتقطاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اُمّتِ محبوب جي خُصوصيتن مان هڪ بهترين خُصوصيت هي ٻه آهي ته بروزِ قيامت جڏهن اڳوڻيون اُمّتون پنهنجي نبين ڪي جهٽلائنديون ته الله ڪريم اُمتِ مُصطفيٰ ڪي اهو شرف عطا فرمائيندو ته ان ڏينهن اها امت انبياءِ ڪرام جي حق ۾ شاهدي ڏيندي، جيئن ته

## نبين جي باري ۾ اُمتِ محبوب جي شاهدي

نبي ڪريم، رؤف و رحيم، محبوبِ ربِّ عظيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهريان حضرت نوح عَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ سندن امت ڪي سڏيندو ۽ فرمائيندو: توهان نوح ڪي ڪهڙو جواب ڏنو

هو؟ اهي چوندا: انهن نہ اسان کي ڪڏهن دعوت ڏني، نہ تنهنجو ڪو حڪم پهچايو، نہ ڪڏهن نصيحت ڪئي ۽ نہ اسان کي ڪنهن شيء جو حڪم ڏنو ۽ نہ منع ڪيو، حضرت سَيِدُنا نوح عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪندا: اي منهنجا ڪريم ربّ! مون انهن کي اهڙي دعوت ڏني جيڪا اوّلين ۽ آخرين سيني کي ملي هئي، الله ڪريم ملائڪن کي فرمائيندو: احمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) ۽ سندن امت کي سڏيو، تہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ سندن امت ان شان سان حاضر ٿيندا جو انهن جو نُور انهن جي اڳيان اڳيان هوندو. حضرت سَيِدُنا نوح عَلَيۡهِ السَّلَام پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ سندن اُمَّت کي چوندا: ڇا توهان ڄاڻو ٿا تہ مون پنهنجي قوم کي الله پاڪ جو پيغام پهچائي ڇڏيو هو ۽ انهن کي سمجهائڻ جون نهايت ڪوششون ڪيون هيون ۽ لڪ ۾ ۽ اعلانيہ انهن کي دوزخ مان بچائڻ جون ڪوششون ڪيون پر پوءِ بہ هي منهنجي دعوت کان پري ڀڄندا رهيا. تہ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ سندن اُمّت چوندي: اسان گواهي ڏيون ٿا تہ اوهان جيڪو ڪجهہ چيو آهي، هو سڀ سچ آهي. ان تي حضرت سَيِدُنا نوح عَلَيۡهِ السَّلَام جي قوم چوندي: اي احمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: اوهان کي ۽ اوهان جي امت کي هن بابت ڪيئن خبر پئي؟ اسان سيني کان پهرين اُمَّت آهيون جڏهن تہ اوهان جي اُمَّت سڀ کان آخر ۾ تشريف ڪٺي آيا آهيو تہ مڪي مدني سلطان،سرورِ ذيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سوره نوح تلاوت فرمائيندا، جڏهن پاڻ (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) سورت ختم ڪندا تہ سندن امت چوندي تہ اسان شاهدي ڏيون ٿا تہ هي سچو واقعو آهي ۽ الله پاڪ کان سوا ڪو معبود ناهي ۽ بيشڪ الله پاڪ ئي غالب حڪمت وارو آهي.

(مستدرک، کتاب: تواريخ المتقد مين من الانبياء والمرسلين،شهادة نبينا وامته...الخ، ٣/ ٤١٤، حديث:٤٠٦٦)

يہ سب الله کی عنايت ہے مل گئی مُصۡطَفٰے کی اُمّت ہے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## طاعون هن اُمّت جي لاءِ رحمت آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! طاعون هڪ اهڙي جان ليوا وبائي بيماري آهي جنهن کي ڊاڪٽر (پليگ) Plague چوندا آهن. هن بيماري ۾ ڪنڌ، بغل ۽ ران جي ڪناري ۾ انب جي گهوٽي( ککڙي) برابر ڳوڙهيون نڪرنديون آهن. جن ۾ بي پناهه درد ۽ ناقابلِ برداشت سوزش ٿيندي آهي. شديد بخار ٿيندو آهي، اکيون ڳاڙهيون ٿي دردناڪ جلن سان شعلي جيان سڙنديون آهن، آخرڪار مريض درد جي شدت ۽ شديد بي چيني ۽ بيقراري ۾ تڙپي تڙپي تمام جلد مري ويندو آهي. (عجائب القرآن، ص٢٦١)

ياد رهي! طاعون جو اهو تباهه ڪن مَرَض اڳوڻين اُمّتن جي لاءِ عذاب طور مقرر ڪيو ويو هو، پر اهو اُمَّتِ محبوب جي خُصوصيات مان آهي ته الله پاڪ پنهنجي مدني حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي ۾ هن مرض کي مومنن جي لاءِ رحمت جو سبب بڻايو آهي، جيئن

## اُمّتِ محمديه تي الله ڪريم جو خاص فضل ۽ ڪرم

بخاري شريف جي حديثِ پاڪ ۾ آهي ته تمام نبين جي سردار، جنابِ احمدِ مختار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: طاعون هڪ عذاب هو، الله پاڪ جنهن تي چاهي ان ڏانهن موڪلي. پوءِ الله ڪريم مؤمنين جي لاءِ ان کي رحمت بڻائي ڇڏيو. ته جيڪو شخص طاعون ڦهلجڻ جي زماني ۾ پنهنجي شهر ۾ صبر سان ثواب جي طلب لاءِ هن اعتقاد سان ترسيل رهي ته ان کي اهو ئي پهچندو جيڪو الله ڪريم ان جي لاءِ لکيو آهي ته ان جي لاءِ شهيد جي مثل ثواب آهي. (بخاري ،ڪتاب الطب ، باب اجر الصابر في الطاعون ،٣٠/٢، حديث: ٥٧٣٤)

حضرت علامہ غلام رسول رضوي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: هن حديث مان واضح ٿئي ٿو ته هن اُمَّتِ مُحَمَّدِيہ تي الله ڪريم جي وڏي مهرباني آهي چوته جيڪا بيماري ٻين اُمّتن جي لاءِ عذاب مقرر ڪئي وئي آهي، اها هن اُمّت جي لاءِ الله پاڪ جي رحمت آهي. طاعون بني اسرائيل جي لاءِ عذاب ۽ هن اُمّت جي لاءِ رحمت آهي. (تفهيم البخاري، ٣٥٥/٥) ٻي هنڌ تي لکيائون: هن اُمّت جي مومنن جي لاءِ طاعُون کي

رحمت ڪيو ويو آهي، هن جو رحمت هئڻ هن لحاظ سان آهي ته هي شهيد جي ثواب ڪي شامل آهي، توڙي جو صورت جي اعتبار سان سخت تڪليف ده آهي.

(تفهيم ا لبخار ي، ۸/۸۰۰)

ڪرم اے شافعِ محشر کھلے اَعمال کے دفتر
گو بدکار و کمینہ ہوں مگر ہوں تیری اُمّت سے

نہ نامے میں عبادت ہے نہ پلے کچھ ریاضت ہے
الٰہی! مغفرت فرما ہماری اپنی رحمت سے

الٰہی! واسطہ دیتا ہوں میں میٹھے مدینے کا
بچا دنیا کی آفت سے بچا عقبٰی کی آفت سے

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم "صَداءِ مدينہ"

سُبْحٰنَ اللّٰـہ عَزَّوَجَلَّ! الله ڪريم جي رحمت تي قربان جو ان مديني جي تاجدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي اُمّت جي لاءِ طاعون جيڪو اڳوڻي اُمّتن جي لاءِ بطورِ عذاب مقرر هو، پر هن اُمّت جي لاءِ ان ڪي رحمت ٻڌايو ويو. جنهن سان اهو اندازو لڳائڻ ٿورو به مشڪل ناهي ته الله پاڪ پنهنجي پياري رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ۽ سندن اُمّت سان ڪيتري محبت فرمائي ٿو.

ٿورو سوچيو! گناهن جي ارتڪاب سبب جيڪڏهن هن اُمّت جي لاءِ به طاعُون کي عذاب ٻڌايو وڃي ته ڪيتري قدر تڪليف ۽ آزمائش ٿئي ها، لهٰذا اسان کي گهرجي ته اسان الله پاڪ جي نافرمانين کان پاڻ به بچون ۽ ٻين کي به بچايون، خوب خوب نيڪيون ڪيون ۽ سُنّتن پري زندگي گذاريون. اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ عاشِقانِ رَسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول جي برڪت سان گناهون کان نفرت، نيڪين سان محبت ۽ سُنّتن تي عمل جو جذبو نصيب ٿيندو آهي، تنهنڪري هن مدني ماحول سان وابسته رهي 12 مدني ڪمن ۾ عملي طور تي شامل ٿي نيڪين جو ذخيرو گڏ ڪندي راهِ آخرت جي لاءِ آخرت جو سامان گڏ ڪريو.

ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان روزانو جو هڪ مَدَني ڪم ”صداءِ مدينہ“ بہ آهي. دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول ۾ مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ کي ”صَداءِ مدينہ“ لڳائڻ چوندا آهن. ❖ اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلّ **”صَداءِ مدينہ“** جي برڪت سان نمازِ تهجد جي سعادت ملي سگهي ٿي. ❖ "صداءِ مدينہ" جي برڪت سان نماز جي حفاظت ٿيندي آهي. ❖ "صداءِ مدينہ" جي برڪت سان مسجد جي پهرين صف ۾ تڪبيرِاُولىٰ سان فجر نماز جي ادائيگي ٿي سگهي ٿي. ❖ "صداءِ مدينہ" جي برڪت سان "نيڪي جي دعوت" ڏيڻ جو ثواب بہ حاصل ڪري سگهجي ٿو. ❖ "صداءِ مدينہ" جي برڪت سان دعوتِ اسلامي جي نيڪ نامي ۽ تشهير ٿيندي. ❖ "صداءِ مدينہ" لڳائڻ وارو باربار مُسلمانن کي حج ۽ منو مدينو ڏسڻ جي دُعا ڏيندو آهي، اللّٰه پاڪ چاهيو تہ اهي دُعائون، ان جي حق ۾ بہ قبول ٿينديون. ❖ "صداءِ مدينہ" ۾ پيدل هلڻ جي برڪت سان صحت بہ سٺي ٿيندي. ❖ "صداءِ مدينہ" لڳائڻ مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ آهي، مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ سُنّتِ مصطفيٰ آهي، مسلمانن کي نماز فجر جي لاءِ جاڳائڻ سنت حيدري ۽ سنت فاروقي آهي، اَمِيرُالمؤمنين حضرت سَيِدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ نمازِ فجر جي لاءِ ماڻهن کي جاڳائيندي مسجد تشريف فرما ٿيندا هئا. (طبقات ڪبريٰ،ذڪر استخلاف عمر، ٢٦٣/٣ مفهوماً)

”صداءِ مدينہ“ واري مدني ڪم بابت وڌيڪ مفيد ترين معلومات ڄاڻڻ جي جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ رِسالي ”صداءِ مدينہ“ جو مطالعو ڪريو.

اچو! بطورِ ترغيب ”صداءِ مدينہ“ لڳائڻ بابت هڪ مَدَني بهار ٻڌي خوش ٿي وڃو،

## صداءِ مدينہ ڏيکاري مدينہ

هڪ ڊويزن (Division) جي مَدَني مشوري ۾ مَدَني مَشوري دوران جڏهن صداءِ مدينہ جي ڳالھ نڪتي تہ هڪ اسلامي ڀاءُ ٻيهي چوڻ لڳو: اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلّ انهن کي مديني شريف جي حاضِري جي سَعَادَت حاصِل ٿي آهي ۽ اهو سڀ صداءِ مدينہ جون برڪتون آهن، چوتہ هو پابندي سان صداءِ مدينہ لڳائيندو آهي.

صدائے مدینہ دِکھائے مدینہ        الٰہی دکھادے ضیائے مدینہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!        صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شبِ قدر اها عظيمُ الشَّان رات آهي جنهن جي اَهمّيت ۽ فضيلت کي مسلمانن جو ٻچو ٻچو ڄاڻي ٿو، ڇوته هن رات ۾ قُرآنِ ڪريم لاٿو ويو، اها رات هزار (1000) مهينن کان افضل آهي، هن رات جي فضيلت ۾ قرآنِ ڪريم جي ٽيهين (30) سيپاري ۾ هڪ مڪمل (Complete) سُورت به آهي، ان جي علاوه هن رات جا ٻيون به ڪوڙ فضيلتون ۽ برڪتون ڪتابن ۾ موجود آهن. ياد رهي! هن اُمّت کان اڳ ۾ به ڪيئي اُمّتون آيون پر ڪنهن کي به اها عظيمُ الشان نعمت نه ملي، پر ربّ ڪريم تمام نبين جي سردار، مڪي مديني جي تاجدارصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اُمّت کي اهو شرف بخشيو ته ان کي شبِ قدر جهڙي عظيمُ الشان ۽ مبارڪ رات جو تحفو عطا فرمايو، جيئن

## شبِ قدر عطا ڪئي وئي

حضرت سَيدُنا عَبْدُ الله بن عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمائن ٿا: سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وٽ بني اسرائيل جي هڪ شخص جو تذڪرو ٿيو، جنهن هڪ هزار مهيني الله ڪريم جي راهه ۾ وڙهيو. صحابَہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کي ان بابت گهڻو تعجب ٿيو ۽ تمنا ڪرڻ لڳا: ڪاش! انهن جي لاءِ به ائين ممڪن هجي ها. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله ڪريم جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: اي منهنجا ربّ ڪريم! تو منهنجي اُمّت کي ننڍي عمر عطا ڪئي آهي، هاڻ انهن جا عمل بہ گهٽ ٿيندا. ته الله ڪريم پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي شبِ قدر عطا فرمائي ۽ ارشاد فرمايو: اي محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ)! شبِ قدر هزار مهينن کان بهتر آهي جيڪا مون تون کي ۽ تنهنجي اُمّت کي هر سال عطا فرمائي آهي. اها رات رمضان ۾ توهان جي لاءِ ۽ قيامت تائين ايندڙ توهان جي اُمّتين جي لاءِ آهي، جيڪا هزار مهينن کان بهتر آهي. (الروض الفائق،ص۳۹)

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! ڊِڏو اوهان! اسان جا بخشيل آقاء اسان گناهگارن جي گناهن کي بخشائڻ وارا مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي اُمّتين تي ڪيتري قدر مهربان آهن جو جڏهن پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اڳيان بني اسرائيل جي هڪ شخص جو قصو بيان ٿيو تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ غمِ اُمّت ۾ بيقرار ٿي ويا ۽ انهيءَ بيقراري جي عالم ۾ پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بارگاهِ الٰهي ۾ اُمّت جي غم بابت اظهار ڪيو تہ الله پاڪ رسولِ بيمثال،بي بي آمنہ جي لال صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ سندن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري اُمت کي شبِ قدر جهڙي مبارڪ نعمت سان سرفراز فرمايو.

ياد رهي! غمِ اُمّت جو اهو پهريون واقعو ناهي، پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي اُمت سان ايتري محبت آهي جو ڪيئي موقعن تي اُمت جي گناهگارن کي ياد فرمايو، جيئن دنيا ۾ جَلوه اَفروز ٿيندي ئي حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سَجدو فرمايو ۽ مبارڪ لبن تي اها دُعا جاري جئي:رَبِّ هَبْ لِی اُمَّتِی يعني پَروَردگار! منهنجي اُمَّت منهنجي حوالي فرماءِ. (فتاويٰ رضويه،۳۰/۷۱۲)

امام زُرقاني رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيْه نَقل فرمائن ٿا: "ان وَقت پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اڱرين کي هن طرح کنئي هئي جيئن ڪو گِريہ و زاري ڪرڻ وارو ڪٽندو آهي.

(زرقاني علي المواهب،ولادته و عجائب ومارات ۔۔۔الخ،۱/ ۲۱۱)

رَبِّ هَبْ لِی اُمَّتِی" کہتے ہوئے پیدا ہوئے حق نے فرمایا کہ بخشا "الصَّلٰوۃُ والسَّلام

اهڙي طرح رَحمتِ عالَم، نورِ مُجسّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سفرِ مِعراج تي روانگي جي وقت اُمَّت جي گناهگارن کي ياد فرمائي آبديده ٿي ويا، ديدارِ جمالِ خداوندي ۽ خصُوصي نواز شات جي وقت بہ گُنهگارانِ اُمَّت کي ياد رکيائون.

(بخاري، ڪتاب التوحيد،باب قوله تعالي(وكلم الله موسيٰ تكليمًا)،۴/ ۵۸۱، حديث:۷۵۱۷مفهوماً)

سڄي عُمر (وقت بوقت) اُمَّت جي گُنهگارن لاءِ غمگين رهيا.

(مسلم، باب دعاء النبي لامته، ...الخ، ص۱۰۹،حديث:۲۰۲ مفهومًا)

جڏهن قبر شريف ۾ لاٿو ويو، مبارڪ لبن کي جُنبِش ٿي، بعض صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوان ڪن لڳائي ٻڌو، آهستہ آهستہ اُمَّتِي (منهنجي اُمَّت) فرمائي رهيا هئا. قِيامت ۾ بہ سندن دامن ۾ پناهہ ملندي، تمام اَنبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلوٰةُ وَالسَّلام سان "نَفْسِي نَفْسِي اِذْهَبُوْا اِلٰى غَيْرِى"(يعني اڄ مون کي پنهنجو فڪر آهي ڪنهن ٻي وٽ هليا وڃو) ٻڌندو ۽ هن غَمْخوارِ اُمَّت جي لب تي "يَارَبِّ اُمَّتِى اُمَّتِى" (اي رَبّ !منهنجي اُمَّت کي بخشي ڇڏ) جو شور هوندو. (مسلم،باب ادني اهل الجنّة منزلة فيها، ص١٠٦،١٠٥ ، حديث:١٩٢مفهوماً)

کسی کے پاؤں کی بیڑی یہ کاٹتے ہوں گے  کوئی اسیرِ غم ان کو پُکارتا ہو گا
کوئی کہے گا دُہائی ہے یا رسولَ اللہ  تو کوئی تھام کے دامن مچل گیا ہوگا
عزیز بچّہ کو ماں جس طرح تلاش کرے  خدا گواہ یہی حال آپ کا ہو گا
کہیں گے اور نبی اِذْھَبُوْا اِلٰی غَیْرِی  مِرے حُضور کے لَب پر اَنَا لَھَا ہوگا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!  صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان! رحمتِ ڪونين، ناناءِ حسنين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ گناهگارانِ اُمّت سان ڪيتري مَحَبَّت ۽ اُلفت فرمائن ٿا ۽ اوهان کي پنهنجي اُمّت جو ڪيترو خيال آهي. جڏهن تہ ٻي پاسي جيڪڏهن اسان هن اُمّت جي حالِ زار جو جائزو وٺون تہ اها دل خراش حقيقت (Reality) سامهون ايندي تہ اُمّتِ مسلمہ جي اڪثريت هاڻ پنهنجي هن محسن ۽ مهربان آقا، مڪي مدني مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي احسانات ۽ فرمانن کي وساري فرائض ۽ واجبات جي ادائيگي کان غافل ٿي نفس ۽ شيطان جي پيروي ۾ مشغول آهي، قرآنِ ڪريم جي ارشادات کي وساري ويٺي آهي، مسجدن کان پري ۽ علم ۽ عالمن جي اهميت سمجهڻ کان محروم نظر اچي رهي آهي، عاشقانِ رسول سان رشتو ٽوڙي بُري صحبتن جي شيدائي ٿي وئي آهي، پنهنجي بزرگن جي تعليمات کي بلڪل وساري

چڪي آهي، سُنّتن کان پاسو ڪري فيشن پرستي جي دلدل ۾ ڦاسجندي پئي وڃي، غيرمسلمن ۽ فاسق و فاجر ماڻهن جي نقل ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندي آهي، حقوقُ الله ۽ حقوقُ العباد جي ادائيگي جي اهميت کان غافل ٿي چڪي آهي، وياج، جُوا، شراب نوشي، رِشوت، بدڪاري، حرص ۽ لالچ، قتل و غارت گري ۽ قطعِ رِحمي جي آفت ۾ مبتلا آهي، جڏهن ته ڪوڙ، غيبت، حسد، تڪبر، وعده خلافي، ظلم، عيب جوئي، فحاشي، والدين جي نافرماني، چوري، ڌاڙو، بي حيائي ۽ بي پردگي جهڙي ڪيئي تباھ ڪن بُرائين جو شڪار آهي. اَلْاَمَانوَالْحَفِيظ

اے خاصۂ خاصانِ رُسُل وقتِ دُعا ہے — اُمّت پہ تیری آکے عجب وقت پڑا ہے
جو دِین بڑی شان سے نکلا تھا وطن سے — پردیس میں وہ آج غریبُ الْغُرَباء ہے
جو قوم کے مالک تھی علوم اور حِکَم کی — اب علم کا واں نام نہ حکمت کا پتا ہے
جو کچھ ہیں وہ سب اپنے ہی ہاتھوں کے ہیں کرتُوت — شکوہ ہے زمانے کا نہ قسمت کا گِلہ ہے
فریاد ہے اے کَشتیِ اُمّت کے نگہباں — بیڑا یہ تباہی کے قریب آن لگا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دارُالاِفتاءِاَهلسُنّت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا ته اسان اهڙا اُمّتي بڻجي وڃون جيئن هڪ اُمّتي کي هئڻ گهرجي ته اسان کي گهرجي ته اسان پنهنجو پاڻ کي بيان ڪيل بُرائين کان بچايون، سُنّتون اپنايون، علمِ دِين حاصل ڪري ٻين تائين پهچايون، مطلب ته اسان جو ظاهر ۽ باطن اهڙو سنورجي وڃي جو جيڪو به ڏسي پڪاري چوي ته ”اُمّتي هجي ته اهڙو“. ته اچو! عشقِ رسول جو جام پيئڻ، ڪامل اُمّتي بڻجڻ، پنهنجي ظاهر و باطن کي سُنّتن جي سانچي ۾ وجهڻ ۽ گناهن کان پيڇو ڇڏائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته رهو ۽ نيڪي جي دعوت جون

ڏومون مچائڻ ۾ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ ڪم و بيش 104 شعبن ۾ دينِ مَتِين جي خدمت ۾ مصروفِ عمل آهي، ان شُعبن مان هڪ "دارُالاِفتاء اَهلسُنّت" به آهي، جنهن جي تحت سڀ کان پهريون دارُالاِفتا 15 شَعْبَانُ الْمُعَظَّم1421ھ تي جامع مسجد ڪنزُالاِيمان ،بابري چوڪ بابُ المدينہ (ڪراچي) ۾ قائم ٿيو ۽ هينئر تائين ڪراچي جي مُختلِف علائقن ۽ پاڪستان جي مُختلِف شهرن ۾ به "دارُالاِفتاء اَهلسُنّت" قائم ٿي چڪا آهن، جتي مُفتِي سڳورا اُمّتِ مُسْلِمَہ جي شرعي رهنمائي ۾ مَصرُوفِ عمل آهن. ان جي علاوه "دارُالافتاء اهلسنَّت" جا مُفتي سڳورا ٽيلي فون، واٽس اَيپ (Whatsapp) ۽ اِنْٽر نيٽ تي سڄي دُنيا جي مُسلمانن جي طرفان پڇيا ويل مَسئلن جو حل ٻڌائيندا آهن. اِنْٽرنيٽ جي ذريعي سڄي دُنيا مان هن ميل ايڊريس (darulifta@dawateislami.net) تي سوال پڇي سگهجن ٿا اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني چينل جي سلسلن ۾ "دارُالاِفتاءاَهلسُنَّت" جي نالي سان هڪ مقبولِ عام ۽ نهايت معلوماتي سلسلو به نشر ڪيو ويندو آهي. ۽ پڻ دُنيا جي ڪنهن به حصي کان شرعي رهنمائي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هنن نمبرز تي رابطو به ڪري سگهجي ٿو. نمبر نوٽ فرمائي ونو.

0300-0220112-------0300-0220113

0300-0220114-------0300-0220115

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ علمِ دين جو نور ڦهلائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مجلس آئي ٽي (I.T) جي تعاون سان "دارالافتاء اهلسنّت" موبائل ايپليڪيشن (Application) به اچي چڪي آهي ۽ وڌيڪ ترقي جو سفر جاري آهي. ياد رکو! پاڪستاني وقت جي مُطابِق صبح 10 بجي کان شام 4 بجي تائين هنن نمبرز تي رابطو ڪري سگهجي ٿو، (منجهند جو هڪ ڪان به بجي تائين وقفو ٿيندو آهي) جُمُعي جي ڏينهن موڪل هوندي آهي. (رمضان المبارڪ ۾ ضرورتاً وقت ۾ تبديلي به ڪئي ويندي آهي)۔

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرسالت، شَهنشاھ نُبُوت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح، كتاب الايمان، باب الاعتصام بالكتاب والسنة، الفصل الثانى، ١/٥٥، حديث :١٧٥)

سُنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں نیک ہوجائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## کاڌي کائڻ جون سنتون ۽ آداب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! مکتبة المدينہ جي ڪتاب ”سنتیں اور آداب“ مان کاڌو کائڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا ❖ کاڌي کان پهريان پنهنجا هٿ ڪارائن تائين ڌوئو، نور جي پيڪر، سڀني نبين جي سَروَر، ٻنهي جهانن جي تاجوَر، سلطان بحر و بَر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ”جيڪو اهو پسند ڪري تہ الله تعاليٰ ان جي گھر ۾ بَرَڪت وڌائي تہ ان کي گھرجي تہ جڏهن کاڌو حاضر ڪيو وڃي تہ وضو ڪري ۽ جڏهن کنيو وڃي تڏهن بہ وضو ڪري.“ (سنن ابن ماجه، حديث 3260، ج 4 ص 9) حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه لکن ٿا: هن (يعني کاڌي جي وضو) جي معنيٰ آهي هٿ منهن جي صفائي ڪرڻ، هٿ ڌوئڻ ۽ گرڙي ڪرڻ. (مرأة المناجيح ج 6 ص 32) ❖ جڏهن بہ کاڌو کائو تہ کاٻو پير وڇايو ۽ ساڄو پير اُڀو ڪيو يا ڌُڏن تي ويهو ۽ ٻئي گوڏا اُڀا رکو. (بهار شريعت ج 3 ص 378) ❖ کائڻ کان اڳ ۾ جوتا لاهي ڇڏيو. کائڻ کان پهريان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهو. ❖ جيڪڏهن کاڌي جي شروع ۾ بِسۡمِ اللّٰهِ پڙهڻ وسري وڃي تہ ياد اچڻ تي بِسۡمِ اللّٰهِ اَوَّلَهٗ وَاٰخِرَهٗ پڙهي ڇڏيو. ❖ کاڌي کان پهريان هيءَ دعا پڙهي وڃي تہ جيڪڏهن کاڌي ۾ زهر بہ هوندو تڏهن بہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪو اثر نہ ڪندو: ”بِسۡمِ اللّٰهِ وَبِاللّٰهِ الَّذِیۡ لَا يَضُرُّ مَعَ اسۡمِهٖ شَيۡءٌ فِی الۡاَرۡضِ وَلَا فِی السَّمَآءِ يَا حَیُّ يَا قَيُّوۡمُ ترجمو: الله جي نالي

سان شروع ڪيان ٿو جنهن جي نالي جي برڪت سان زمين ۽ آسمان جي ڪا شيء نقصان نہ ٿي پهچائي سگهي. اي هميشه ڪان زندهہ ۽ قائم رهڻ وارا. (فردوس الاخبار ،حديث:١٩٥٥،١/ ٢٤٣) ❖ ساجي هٿ سان ڪائو. ❖ پنهنجي سامهون واري پاسي کان ڪائو. ❖ ڪاڌي مان ڪنهن بہ قسم جو عيب نہ ڪيو مثال طور هيئنن نہ چئو تہ مزيدار ناهي، ڪچو آهي، ڦڪو آهي چو تہ ڪاڌي مان عيب ڪڍڻ مڪروهہ ۽ سنّت جي خلاف آهي بلڪ دل چوي تہ ڪائو نہ تہ هٿ روڪي ڇڏيو. اعليٰ حضرت،امامِ اهلِ سُنّت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيْه لکن ٿا: ڪاڌي مان عيب ڪڍڻ پنهنجي گهر ۾ بہ نہ گهرجي، مڪروه وخلافِ سنت آهي. (سرڪارِ دو عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي) عادتِ ڪريمہ اها هئي تہ پسند آيو تہ تناوُل فرمائيندا هئا، نہ تہ ڇڏي ڏيندا هئا ۽ پَرائي گهر عيب ڪڍڻ (ان ۾) مسلمانن جي دل آزاري آهي ۽ وڏي هوَس ۽ بي مروتي جي انتها جو دليل آهي. (فتاويٰ رضويه ،٢١/٦٥٢)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن پريو سفر آهي.

## اگئين هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ! آئنده **هفتيوار اِجتماع** جي بيان جو موضوع آهي ”تنهنڪري! آئنده جمعرات بہ اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ انفرادي ڪوشش ڪري ٻين کي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ کڻي زور سان چئو: اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو ته ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

[1] ...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3] ...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[1]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھو مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي.[2]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي.[3]

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[3] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

1 ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305